


# ھي گيت اڃايل مورن جا

شيخ اياز

ترتيب

غلام مصطفيٰ سولنگي

# هي گيت اُجايل مورن جا

(شاعري)

## شيخ اياز

ترتيب:
غلام مصطفيٰ سولنگي

Gul Hayat Institute

سنڌ راڻي پبليڪيشن

سمورا حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ

| | | |
|---|---|---|
| ڪتاب جو نالو | : | هي گيت اُڃايل مورن جا |
| شاعر | : | شيخ اياز |
| موضوع | : | شاعري |
| ترتيب | : | غلام مصطفيٰ سولنگي |
| نگراني | : | حميد سنڌي |
| ڇاپو ٻيون | : | ڊسمبر 2019ع |
| تعداد | : | هڪ هزار |
| ڪمپوزنگ/ٽائيٽل | : | شاهزيب ميمڻ |
| ڪيليگرافي | : | اويس ڀٽو |
| ڇپائيندڙ | : | سنڌ راڻي پبليڪيشن حيدرآباد 03013492704 |

قيمت: 150 روپيا

شيخ اياز جي شاعريءَ جو هي ڳٽڪو "هي گيت اڃايل مورن جا" اپريل 1968ع واري "روح رهاڻ" ۾ شايع ٿيو جنهن کي پڙهندڙن لاءِ ٻيهر شايع ڪيو پيو وڃي.

HEE GEET UNJAYAL MORAN JA

(Poetry)

By: Shaikh Ayaz

Sindh Rani Publication Hyderabad.

Gul Hayat Institute

**ڪتاب ملڻ جا هنڌ:**

ڀٽائي ڪتاب گهر حيدرآباد، فڪشن هائوس حيدرآباد، ڪويتا ڪتاب گهر حيدرآباد، ادبي بورڊ بوڪ اسٽال تلڪ چاڙهي حيدرآباد، قليچ ڪتاب گهر سنڌي لينگويج اٿارٽي حيدرآباد، ڪنگ پن بوڪ هائوس پريس ڪلب حيدرآباد، ڪامريڊ بوڪ اسٽال ڄامشورو رابيل ڪتاب گهر لاڙڪاڻو مهراڻ ڪتاب گهر لاڙڪاڻو وسيم ڪتاب گهر شڪارپور، سنڌيڪا ڪتاب گهر سکر، تهذيب بڪ اسٽور خيرپور ميرس، ٿر ڪتاب گهر مٺي، سنڌ راڻي پبليڪيشن حيدرآباد، بلوچ ڪتاب گهر قاسم آباد حيدرآباد.

# اداري پاران

ويهين صديءَ ۾ جديد سنڌي شاعريءَ جي ميدان ۾ سڀ کان مٿانهين نالي شيخ اياز جهڙي طرح سنڌي ٻوليءَ ۾ شاعري ڪري سنڌ سميت پوري ملڪ ۾ رهندڙ سنڌي ماڻهن ۾ پنهنجي جاءِ ٺاهي آهي. ان کي ڪير بہ چاهي تہ بہ ختم نٿو ڪري سگهي. شيخ اياز پنهنجي ڪتابن ۽ شاعريءَ وسيلي ماڻهن جي رڳ رڳ ۾ سمائجي ويو آهي. سنڌي فنڪار جهڙي طرح شيخ اياز جي شاعريءَ کي هر دور ۾ ڳائي رهيا آهن، اها شاعري انهيءَ ئي دور جي محسوس ٿي رهي آهي، شيخ اياز سنڌي شاعريءَ جي ٻيڙي تلاءُ ۾ اهڙو تہ پٿر اڇلايو آهي، جنهن جون لهرون هر ڪنهن جي روح ۾ لهنديون ٿيون وڃن، هو پنهنجي شاعريءَ وسيلي ماضي، حال ۽ مستقبل کي ڳنڍي هلي رهيو آهي، هن پنهنجي شاعريءَ ۾ جيڪي پيغام ڏنا آهن، اهي ماضيءَ جي تسلسل کي ڳنڍي حال جي ترجماني ڪندي مستقبل جي رهبري ڪري رهيا آهن، سندس شاعري پڙهجي ٿي تہ ان ۾ زندگي محسوس ٿئي ٿي.

شيخ اياز تي شروع ۾ جڏهن تنقيد جا تير اڇلايا ويا تہ بہ شيخ اياز صبر جو دامن پڪڙي اهو چيو هو تہ هن وقت ڀلي مون تي تنقيد ڪئي وڃي پر مان سڀاڻ لاءِ لکان ٿو ۽ اڄ نہ سهي سڀاڻ مون تي ميلا لڳندا.

شيخ اياز جي اها اڳڪٿي سچ ثابت ٿي ۽ اڄ ان تي ميلا لڳي رهيا آهن، شيخ اياز اهو بہ چيو هو تہ مان نوجوانن ۽ شاگردن لاءِ لکان ٿو جيڪي مستقبل جون واڳون سنڀاليندڙ آهن.

اسان شيخ اياز جي ئي مشن کي اڳتي کڻي سندس ننڍن ننڍن ڪتابچن کي گهٽ قيمت تي شاگردن لاءِ عام ڪري رهيا آهيون ۽ اهي ڳٽڪا ٻيهر شايع ڪرائي رهيا آهيون، هي ڪتاب ”هي گيت اڇايل مورن جا“ بہ رُت آئي ڳاڙهن ٻيرن جي“ ۽ ”جل جل مشعل جل...!“ وانگر شاگردن ۽ نوجوانن لاءِ ئي آهن، جيڪي شيخ اياز کي پڙهڻ چاهين ٿا.

اسان روح رهاڻ جي روح روان جناب حميد سنڌي صاحب جا ٿورائتا آهيون، جنهن هي ڪتاب ٻيهر ڇپڻ جي نہ صرف اجازت ڏني پر نون ڇاپن جا مهاڳ بہ ڏنا، هنن ٽن ڪتابچن مان موٽ ملي تہ اڳتي ٻيا ننڍا ننڍا ڪتابچا بہ شايع ڪبا.

**غلام مصطفيٰ سولنگي**
**سنڌ راڻي پبليڪيشن حيدرآباد**
03013492704

# مهاڳ

شيخ اياز جيڏو عظيم شاعر هو ۽ سندس شاعري عالمي حيثيت رکندي هئي. ماهوار روح رهاڻ رسالي هڪ نئين روايت قائم ڪئي ته سندس مهينوار شاعري ته ڇپجي پر سندس شاعريءَ جو مجموعو پڻ هر پرچي ۾ شامل ڪيو وڃي. انهيءَ روايت جي اهميت تڏهن به وڌي جو 4 مارچ تي شاگردن سان جيڪا ويڙهه وڙهي وئي، لٽيون هٽي راجپوتانا اسپتال واري پاڙي ۾ گهليو ويو، انهيءَ روءِ داد ڪي سلسليوار روح رهاڻ جي اداري جڊيشل انڪوائري جي نه رڳو گهر ڪئي پر هڪ اهڙي تحريڪ انهيءَ وقت جنم ورتو جيڪا ون يونٽ جي خلاف ۽ سنڌي ٻولي ۽ سنڌ سان ناانصافي جي دور ڪي چڱي طرح اجاگر ڪيو. ان وقت جا شاعر، اديب شهر شهر ۾ جاڳي اٿيا، روح رهاڻ جا جشن ٿيا. سڄي سنڌ هڪ نئين انقلاب ڪان آگاهه ٿي. ۽ وري پاسو ورايو، انهيءَ ۾ خاص طرح سان شاگردن، اديبن، شاعرن، دانشورن، وڪيلن جو وڏو حصو هو، انهيءَ دور ڪي ياد ڪندي اوهان ڪي اهو ٻڌائڻ ضروري ٿو سمجهان ته شيخ اياز پهريون مجموعو 4 مارچ 1964ع جي موقعي تي روح رهاڻ جي پرچي ۾ "جل جل مشعل جل..." جي نالي سان پڌرو ٿيو، وري گهر تي ته اپريل جي مهيني ۾ جشن روح رهاڻ جي اپريل 1964ع سالنامي ۾ وري "جل جل مشعل جل..." جو ڇتڪو ورائي پڌرو ڪيو ويو، ائين اياز جي انقلابي شاعري گهر گهر پهچائڻ جو اعزاز روح رهاڻ جي اداري ڪي آهي.

شيخ اياز ته هر مهيني روح رهاڻ ۾ شايع ٿيندو هو نه رڳو سندس شاعري پر تقريرون، مضمون ۽ پيو نثر بي صورت ۾ گهڻو ڪجهه ڇپيو هو، جيڪو سنڌ جي ان وقت جي انقلابي فضا ڪي هٿي ڏيڻ لاءِ ڪافي هو.

شيخ اياز جيل ڏٺا ۽ ڪيئي بندشون ڏٺيون پر اهو وقت به مون ڪي ياد آهي جڏهن هو جشن روح رهاڻ ۾ شريڪ ٿيو. اهو زمانو 1965ع جو آهي جو هن ڪي جشن روح رهاڻ ۾ شريڪ ٿيڻ جي ۽ سنڌ جي اديبن سان ملاقاتون ڪرڻ ۽ تقريرون ڪرڻ جي سزا اها ڏني وئي جو هن ڪي حيدرآباد بدر ڪيو ويو.

شيخ اياز سان ساٿ جي ڪهاڻي ته وڏي آهي پر مان مختصر ڪان مختصر ڪندي هنن مجموعن جي نئين سر پڌرائي تي اهو ٿو سمجهان ته اجان پيو آهين ڪُل جڳ ۾ ڪاپڙي.

غلام مصطفيٰ سولنگي هڪ جاڪوڙي ماڻهو آهي، جنهن روح رهاڻ ۾ ڇپندڙ 3 ڇتڪا ٽن ڪتابن جي صورت ۾ شايع ڪيا آهن.

جل جل مشعل جل... جهڙي نموني سان هزارن جي تعداد ۾ پڙهندڙن

کي پهچائڻ جي اسان ڪوشش ڪئي، اهڙي طرح ٻيو مجموعو ”هي گيت اجايل مورن جا“ اپريل 1968ع واري روح رهاڻ جي پرچي ۾ شامل ڪري شيخ اياز جي عاشقن لاءِ پيش ڪيو ويو.

اسان اجا اتي بس نه ڪئي وري آگسٽ 1968ع ۾ شيخ اياز کي وري سڏ ڪيوسين، هو آيو به سهي پر ٻئي ڳٽڪي ”رت آئي ڳاڙهن ٻيرن جي“ جي صورت ۾ روح رهاڻ جي پرچي سان پڌرو ٿيو.

دوست چوندا آهن ته تون پنهنجي آتم ڪٿا لک.

شيخ اياز جنهن نموني سان پنهنجي آتم ڪٿا ”ڪٿي ته پيچبو ٽڪ مسافر“ ۾ ٻي آتم ڪٿا ڪٿي ته پيچبو ٽڪ مسافر کي ڏسي ۽ پڙهي مون کي ائين لڳو ته زندگي جا سڀ پهر انهيءَ ڪوشش ۾ رڌل رهيا آهن ته ههڙن شاعرن، اديبن، سياستدانن ۽ دانشورن سان جيڪو وقت منهنجو گڏ گذريو آهي، اهو شيخ اياز جي قلم جيان ڪئنواس تي وڌيڪ شايد هاڻ نقش چٽي نه سگهي.

شيخ اياز جو نثر جو هڪ ٻيو مجموعو مون کي ياد آهي ”لامون تنهن وڻ سنديون“ جنهن ۾ پيغام، تقريرون ۽ به خط شامل آهن.

هيءُ مجموعو به ڪنهن وقت ورائي ڇپجي ويندو.

هن مجموعي جي مهڙ ۾ اياز لکيو آهي:

پريمودا (شڪنتلا کي) تون جو وڻ سان ٽيڪ ڏئي بيٺي آهين ته ائين لڳي رهيو آهي

چڻ هن وڻ سان ڪنهن سندر ول جو
سنجوڳ ٿي ويو آهي.
(ڪاليداس)

لامون تنهن وڻ سنديون، لوڏيان لايان ڳري
منهنجي ورا! شهر پنهور ۾.
(سر ڪوهياري-شاهه)

آخر ۾ مان هنن شعري مجموعن جي سهيڙ ڪندڙ پياري غلام مصطفيٰ سولنگي جو ٿورائتو آهيان. منهنجي حيثيت وري به اها آهي ته هن سموري ڪم ڪار جي نه رڳو نگراني ڪيان پر ٿوري گهڻي نظر ثاني جي ضرورت به محسوس ڪئي اٿم. ۽ منهنجي ڪوشش ۽ ڪاوشن ۽ زير ادارت جڏهن اهي ڪلام ڇپيا ته اهو خود منهنجي لاءِ وڏو اعزاز هيو.

17-12-2019

حميد سنڌي
حيدرآباد

Gul Hayat Institute

هي گهناونيون گهڙيون،
آگ آگ آسمان،
مور، ريت تي رڙيون،
مينهن آءُ!
مينهن آءُ!
مينهن آءُ!

رول هئن نہ رچ ۾،
آ مسين ڪلِي زبان،
هن آواڪ اُچ ۾،
مينهن آءُ!
مينهن آءُ!
مينهن آءُ!

ڄَرڪندڙ ملير تي،
تاڪ تاڪ آ اُلاءُ،
ڳم تي ڳنڊير تي،
مينهن آءُ!
مينهن آءُ!
مينهن آءُ!

Gul Hayat Institute

آءُ وڄ، واچ، واءُ!
تا سهي سگهون نہ تاءُ،
آءُ، آءُ، آءُ، آءُ!
مينهن آءُ!
مينهن آءُ!
مينهن آءُ!

❑

مان توکي گيت ڏيان اي ڌرتي!
تون مون تي زنجير وجهين!

هي گيت گلابي جهڙ ڦڙ جا،
هي گيت شرابي جهڙ ڦڙ جا،
هي ساوڻ جا من ڀانوڻ جا،
هي آگم آنوڻ جا،
هي گيت اُجايل مورن جا،
ريتيءَ تي ڪنڊ، ڪنورن جا،
هي گيت سنهريءَ سنڌوءَ جا،
تنهن نيري گهريءَ سنڌوءَ جا،
جا سپنا اُهي سانجهيءَ جا،
هي گيت پتڻ تي مانجهيءَ جا،
هي گيت تکن طوفانن جا،
هي گيت اٿل انسانن جا،

Gul Hayat Institute

هي گيت روپهري پانهن جا،
۽ دوريءَ جا ۽ دانهن جا.
گهنگهور گهٽا جئن جوانيءَ جا،
پر شور هوا جئن جوانيءَ جا،
هي گيت رسيلن رنگن جا،
يا جهولا مست اُمنگن جا!
هي گيت نڪورن ٽانون جا،
۽ لانون جا ۽ چانون جا،
هي گيت رسڻ جي راتين جا،
۽ آت اُڪنڊين باتين جا،
هي گيت برهہ جي بانديءَ جا،
۽ سهٽين جي سيرانديءَ جا،
۽ وارن ڪارن ڪارن جا،
هي گيت سُڳنڌي سارن جا،
هي گيت جدائيءَ جهوريءَ جا،
۽ لونءَ لونءَ ڪنهن جي لوريءَ جا،
۽ هر هر هنجون هارڻ جا،
هي گيت آڪارڻ ڪارڻ جا.
ڪنهن وقت هوا ڪان هلڪا ها،
هي گيت جهڙاليءَ جهلڪا ها،
ڪنهن وقت اهي گنڀير هيا،
ڪنهن اونهيءَ نئن جو نير هيا،
هي گيت ڏياٽيءَ ڏرتيءَ جا،
۽ داٽي پاٽيءَ ڏرتيءَ جا،
هي گيت لهوءَ جي لڙڪن جا،
هي گيت سَلهاڙيل سڌڪن جا،
هي گيت اُڏاٽل ڳيرن جا،

Gul Hayat Institute

ءِ آنڌيءَ ءِ آکيرن جا،
هي گيت ٻُڪايل ٻارن جا،
ءِ مستقبل جي تارن جا،
درماندن جا، مزدورن جا،
ءِ کيتيءَ کيتيءَ ڪورن جا،
زنجيرن جا، زندانن جا،
ءِ لوهه لڳين انسانن جا،
ءِ سوريءَ تي سرواڻن جا،
هي گيت امر اُهڃاڻن جا،
هي گيت کُليل ميدانن جا،
ءِ جنڊڙيءَ جي جولانن جا،
هي گيت اجهل آزاديءَ جا،
ءِ ٻانهن ٻل آزاديءَ جا،
جو ڪيري ڪوٽ غلاميءَ جا،
هي گيت اُنهيءَ هر عاميءَ جا،
مون توکي ڇا ڇا گيت ڏنا!
ڇا شبنم شعلا گيت ڏنا!
ڇا سپنا سپنا گيت ڏنا!
ڇا سندرتا جا گيت ڏنا!
مان توکي جيت ڏيان اي ڌرتي!
تون مون تي زنجير وجهين!

Gul Hayat Institute

تون جو مون کان پوءِ اچين،
ڪينجهر ڪان ڪارونجهر تائين منهنجا گيت ٻڌين،
مون کي ياد ڪرين!
سنڌڙي ساري ڳاڙهو ڪهنبو تي ويندي تيسين،
۽ جي اُن تي منهنجي قلڙيون قلڙيون ڏات ڏسين،
شال اهو سمجهين!
ڏات وڏي شيءِ ناهي،
پر سچ وڏي شيءِ آهي،
۽ جو سچ مڇائي مَچُ،
سو مچ وڏي شيءِ آهي!
❑

Gul Hayat Institute

او آرائين!
تنهنجي جهوليءَ ڪهڙا گل؟
موتيا، سائين!
ننڊ پيئيءَ نؤ ورنيءَ ڳل.
او آرائين!
تنهنجيءَ جهوليءَ ڪهڙا گل؟
دوها، سائين!
پيار لتايا جيڪي پل.
او آرائين!
تنهنجيءَ جهوليءَ ڪهڙا گل؟
ڳوڙها، سائين!
هن ڌرتيءَ جا لڙڪ اجهل.
او آرائين!
تنهنجيءَ جهوليءَ ڪهڙا گل؟
پيارا، سائين!
واءُ سرءُ جي جا چل ول.
او آرائين!
نيٺ ته ڪڙندا ڳاڙها گل!
ها، ها، سائين!
نيٺ ته ٽڙندا ڳاڙها گل!

❑

Gul Hayat Institute

Gul Hayat Institute

ڪامهہ ۽ ڪنگور نہ ڄاڻي،
اُن جو وڏ هزارين واڪا،
ٿي ويندو.
دنيا جو دستور نہ ڄاڻي،
شاعر اُن جا لونءَ ليا ڪا،
ٿي ويندو.
هي جا گهايل ڇاتي آهي،
اُن جو موت حياتي آهي.

❑

ڪامهہ: اُتر - اولهہ جي هوا
ڪنگور: هڪ پوٽو، جنهن کي وڏي نڙ يا بانسري ٺاهي ويندي آهي

سونهريءَ سر سوهڻو، ڪينجهر ٻاڙها گل.
(لوڪ-بيت جي هڪ سٽ)

❋

اي ڪينجهر! تنهنجي ڪنڌيءَ تي
ڪوئي تہ تماچي اچڻو آ!
ءِ نورا پائي نوريءَ کي
ٿي لهرون لهرون نچڻو آ!

مون ڪالهہ پتڻ جا پار پُڇي،
تن لاءِ ٻتيلو ٿاهيو آ:
طوفان لڳا، سڙهہ ڪونہ ڇڳا،
اُن ڪيڏو سينو ساهيو آ!

اڄ لام نوائي نيري جي،
تن لاءِ ستارا توڙيان ٿو،
ٿا جهرمر جهرمر هار لڳن،
جي گيت نوان مان جوڙيان ٿو.

اي ڪينجهر! تو تي ٻاڙها گل،
جو واءِ ڦلاري وڃڻو آ،
هن سونهريءَ جي سر سر جي،
سو سونهن اُجاري وڃڻو آ.

اي ڪينجهر! تنهنجي ڪنڌيءَ تي،
ڪو ميلو نيٺ تہ مچڻو آ!
ڪا نوري نيٺ تہ نچڻي آ،
ڪوئي تہ تماچي اچڻو آ!

❑



Gul Hayat Institute

سر ديءَ ۾ سنگينون آهن،
ورديءَ وارا بوٽ اچن ٿا،
اؤنا پير، پري کان پڌرا،
منهنجيءَ چانئٺ تي ترسن ٿا،
هيسيل هانو، اُڀرا اُلڪا،
سارا ياتي ڌڪ ڌڪ ڪن ٿا.
ءِ هو در تي
ٺڪ ٺڪ ڪن ٿا،
ٺڪ ٺڪ ڪن ٿا!

مون ته ڇيو هو توکي، بابا!
ءِ پو پوڙا لڙڪ لڙن ٿا،
اهڙا گيت لکين جو تو تون،
جو تو تي زنجير وجهن ٿا!
توکي ديس دروهي ڪوٺي،
ڪوڙا ڪاغذ بڪ بڪ ڪن ٿا.
ءِ هو در تي
ٺڪ ٺڪ ڪن ٿا،
ٺڪ ٺڪ ڪن ٿا.

❑

Gul Hayat Institute

هن ڏيهہ سڄي کي ساڻي آ،
هر شام اُفق تي ليمي جڏن،
ڇا هيبڙي هيبڙي آئي آ!
۽ اُن جي ڪاريءَ ڪان ڪان ۾،
ڇا وحشت! ڇا تنهائي آ!
ڪو ديو ڦري ٿو ڏرتيءَ تي،
جنهن منهن ۾ پاتي ڇائي آ،
۽ ڪنڌ ڪرنگهو ماڻهوءَ جو،
تنهن رڙڪي، راڙ مچائي آ.
جو پِٽڪو آهہ پيانڪ آ،
هر ڄاڻوءَ ڇپ ڪپائي آ،
ڪا ڄهاتي ناهہ جهروڪي ۾،
ڇا هيبت هن ڦهلائي آ!
آ مڙهہ جي مات هوائن ۾،
هر شام هتان جي ڪائي آ،
پر توسان ڳالهہ اجائي آ

Gul Hayat Institute

هن ديس سڄي کي سائي آ،
هر سپني ساپيا ۾ اُن جي،
کا هيڏي هڪجهڙائي آ.

سڀ اُڏري ويا وهلور وڳر،
کا ڪونج نہ موٽي آئي آ،
سڄ تاري تاري ڪيچي ٿو،
ڇا ڪان ڪان جي ڪارائي آ!
هر وقت پپيو راڪاس رڙي،
تو ڪهڙي آس لڳائي آ؟
ڪو ڪنڌ ڪرنگهو آهي ڇا،
جنهن ۾ ڪا سگهہ سمائي آ؟
سي ٻاڙها ٻول ڪٿي آهن،
تو جن لئہ جهول وڇائي آ؟
ڪنهن ٻاک ڦٽيءَ جي سپني ۾،
تو ڪيڏي عمر گنوائي آ!
پر توسان ڳالهہ اجائي آ....

❑

Gul Hayat Institute

## چڱو ڀنائي آءُ هلان تو

مان تنهنجو احسان وساريان،
سو ناممڪن آهي سائين!
تون تہ اگهي جو آڌر آهين،
رهندي تنهنجي سار سدائين.

ساحل تي بيهوش هيس مان،
مون کي لهرون لوڙهي آيون،
جي مون سان تنهن وقت ڪيئہ سي،
ڪيئن ڀلايان آءٌ ڀلايون!

Gul Hayat Institute

تو مون کي ٻي جندڙي بخشي،
ساهہ وڏو تو، سرت ڏني تو،
مون سان ساريون راتيون جاڳي،
ڏيکاري آ پيچ پني تو.

پـر هـاڻـي ڏس هـو وانـئـڻـيـون،
جـن ۾ ڪـو سـپـنـو سـرجـي ٿـو،
گهـنگهور گهٽائون پرجن ٿـيون،
پـرشـور سـمـنـدر گـرجـي ٿـو...

هـوءَ چـاتـي چـولـيءَ جـي،
هـوءَ لـولـيـون لـهـر هـنـدوري ۾!
پـر چـا چـا تـارن تـڙڪـا هـا،
هـن ڪـنـڌيءَ هـيـتـان ڀـوري ۾!

ءِ چـا چـا ويـنـجـهـر واءَ جَـڙيـون،
ڪلھ منڍيون تنهنجي واريءَ تي!
مـان تـوسـان پـاڙيـنـدو رهـنـدس،
جي پـول ڪـيـم پـيـتـاريءَ تـي.
اڄ مـون ڪـي پـيـهـر وڇـڙو آ،
طـوفـانـن ۾ طـغـيـانـيـن ۾،
هـن رت جـي ريـت نـرالـي آ،
ٿـي شـور وجـهـي شـريـانـيـن ۾.

هـو سـاحـل ڏاڍو ڏور سـهـيـن،
پـر اُن جـا سـڌ پـڌان تـو مـان!
هـيءَ ڪـشـتـي، جـا تـو جـوڙي آ،
اڄ اُن تـي دور وڃـان تـو مـان.
چڱـو پـتـائـي، آءَ هـلان تـو.

Gul Hayat Institute

اي ننڊ نڪاري! آءُ نہ تون،
هي گيت اڌورو آهہ اڃان.

اي لهرون لهرون ننڊ، اڃان،
مان پنهنجي پيڙي جوڙيان ٿو،
۽ تنهنجيءَ ڪاريءَ ڪنڌيءَ تي،
ڪجهہ عرصو لنگر ڪوڙيان ٿو.

هي تنهنجا ڪارونڀار ڏسي،
هر ڪنهن جو هانءُ ڌهلجي ٿو،
پر وقت اڀرو وانجهي آ،
جو ڪنهن جي جهل نہ جهلجي ٿو.

هي سپنا سپنا سڙهہ منهنجا،
ٿو پر ڪي تن جي ست ڏسان!
جا مهلت آهہ غنيمت آ،
هر ڪنهن کي وڃڻو آهہ هتان.

هي وقت اُڀرو وانجهي آ،
جو ڪنهن جي مور نہ مڃڻو آ،
۽ پيڙن پوڙ هوائن ۾،
جو مون سان گڏجي وڃڻو آ.

اي ننڊ نڪاري! آءُ نہ تون،
هي گيت اڌورو آهہ اڃان!

❑



Gul Hayat Institute

جنهن تي بہ ٿيو، جنهن وقت ٿيو، جنهن جاءِ ٿيو،
سو مون تي ظلم ٿيو آهي.

ڪا پانهن وڍي، مون دانهن ڪئي، جو ڪانهن ڪپيو،
سو منهنجيءَ ڪنڌيءَ جو آهي!

ڪوئي بہ ڪٿو، جيڪو بہ چرو، جنهن تي بہ هليو،
سو منهنجيءَ رت رتو آهي.

جنهن وقت بہ ڪو، مون گيت چيو، هن ڌرتيءَ جو،
جڻ ڪوئي قرض چڪو آهي.

Gul Hayat Institute

تو ڪيڏو ڦهر ڪيو آهي،
هن بند دريءَ جي شيشي سان،
جو هي گلدان رکيو آهي!
تون روز وچين ٿو ماڪ اُگهي،
هن بند دريءَ جي شيشي تان،
پر گل گل جي تو گهور ڏٺي؟
هي گل گل ڪائي اڪ آهي،
هن بند دريءَ جي شيشي مان،
جا دور ڏسي ٿي پونرن کي!
ڪو اُن ۾ لڙڪ رهيو ناهي،
ٻ بند دريءَ جي شيشي جان،
گلدان پيو بي جان لڳي.
تون کولي ڇڏ هي بند دري!
ڇا هير لڳي ٿي ماڪ پري!

❑

Gul Hayat Institute

ڪلهہ بيهي ڪنهن نم جي هيٺان،
مون سوچيو، آءٌ بہ وڻ آهيان!
مون ۾ بہ نموريون وهہ جهڙيون،
جي چيچرن ويدا نوريئڙا!
تو چانو ڪيان مان ڌرتيءَ تي،
پر مون تي اُڀ جا آرانيا!
هن ڪلراٺيءَ ڌرتيءَ تي مان،
پيو تي نہ سگهان، توڙي چاهيان،
ڪلهہ بيهي ڪنهن نم جي هيٺان،
مون سوچيو، آءٌ بہ وڻ آهيان!

❑

Gul Hayat Institute

ڏينهن جهڪيو هو ڏاگهي جئن،
جهرڪي هئي سانجهيءَ جي جهل،
گهر ڪان ٻاهر ڪيتيءَ ۾،
چا نه هيا ڪَس ڪَس جا گُل!

مون تن جي ڳاڙهاڻ ڏسي،
سج لٿي ۾ وڙيو هو،
ڪاله ڪڪوريءَ ڪري تي،
مون کو تنبر جوڙيو هو.

پو هو ڪانئر آيا ها،
کولي مون لئه هت ڪڙيون،
ڪيئن وساريان اي ساٿي،
آءَ اُهي گهنگهور گهڙيون!

ائين لڳو هو جڻ ڪنهن ڪڏ،
پنهنجو وات پٽيو آهي،
۽ مون کي ڪنهن واڳوءَ جئن،
ڏيئي جهرٽپ جهٽيو آهي.

ڪاله ته ڳاڙها ڪَس ڪَس گل،
ڪنهن نشي جي نيند هيا،
اڄ اُهي ئا ڪنڊا لڳن،
منهنجي ريتي رت هاتا.

سانجهي ياد ڏياري ئي،
لهندي سج جي هٿ ڪڙي!
جنهن ۾ قيد ڪئي وئي آ،
ڪائي سرجڻهار گهڙي!

❑

Gul Hayat Institute

هي واريءَ پنڌ نہ ڪُٽڻو آ...
اي رڻ جي رات! انڌيري ۾
هي منهنجو سپنو ٽٽڻو آ.

ڪنهن وقت وهائو ڳائي ٿو،
۽ چارو چمڪي، پيرن کي،
ڪو ڏيڏ ڏئي ڊوڙائي ٿو.

ڪنهن وقت گهٽا جي گهاٽيءَ ۾،
هي ڪارونپ پهاڙن جان،
آ پنهنجيءَ چوما چاٽيءَ ۾.

ڪو ڏائڻ جڻ ڀُچڪار ڏئي،
تو چپ چمي ڪنهن ڏائڻ جا،
۽ ڏاڍ ڪري ٿو، ڊار ڏئي.

تنهن وقت گهٽا گهوريان ٿو،
۽ جاچي پنهنجون لال لقون،
مان آرتيون اڪڙيون پوريان ٿو...

۽ ڊرڪي ڊرڪي سوچان ٿو،
هي واريءَ پنڌ نہ ڪٽڻو آ...
مان چو لالڻ لئہ لوچان ٿو!

❑

Gul Hayat Institute

ٿو سج لهي، جڻ ڏاڪوڻ ۾،
ڪنهن ريتو رت پريو آهي!
۽ هرڪو ڏڪ ڏڪ پيئي ٿو،
اِئن جيئي ٿو!
ٿي رات اچي، هر تارون ۾،
ڪنهن تاري تير هنيو آهي،
پر هر ڪو لوچ ڇپائي ٿو
۽ ڳائي ٿو!
تون تون ناهين! مان مان ناهيان!
تون ڇا آهين؟ مان ڇا آهيان؟
❑

Gul Hayat Institute

ڪُتا ڀؤنڪن
ڀاڳيا ڀؤنڪن
چور بہ ڀؤنڪن ٿا!
ڪيڏي آ اوناڙ هوا ۾!
هر هر هيئين-ڦاڙ هوا ۾!

جارا چرڪن
چارا چرڪن
تارا چرڪن ٿا!
ڪير آويرو آيو آهي؟
هن وستيءَ ۾ ڇا ٿو چاهي؟
❑

Gul Hayat Institute

هي شهر بہ جهڙو بابل آ،
گهر گهر ۾ گهند گناهن جا،
دل دل ۾ چَڪلا چاهن جا،
محراب اُهي منبر بہ اُهي،
جت گوڙ لڳا گمراهن جا،
آ ٿورو فرق، اُهو هي آ.
هت جو بہ فرشتو آيو آ،
پو ڏوهي آ بي ڏوهي آ،
هن کوهہ اندر لٽڪايو آ.
هي شهر بہ جهڙو بابل آ.

❑

Gul Hayat Institute

## سرمد ڇا ٿو سوچي؟

ملان پنهنجي عمامي ۾،
سوچي، ڏاڙهي نوچي،
سرمد ڇا ٿو سوچي؟
دليءَ جون ديوارون سوچن:
چنبڙ قطب مينار مٿان آ،
ڌرتيءَ تي دستارون سوچن:
مجري مجري جي پايل ۾،
ڇم ڇم جون ڇنڪارون سوچن:
قلعي قلعي اک نه جهپڪي،
رات لڙيءَ للڪارون سوچن:
هٿ هٿ خوني خنجر سوچي،
تارونءَ ۾ تلوارون سوچن:
دارا جي تقدير نه سوچي،
هونءَ ته سڀ درٻارون سوچن.
سرمد ڇا ٿو سوچي؟
هن عريانيءَ جي جامي ۾،
لونءَ پٺي ڇا لوچي؟
ملان پنهنجي عمامي ۾،
سوچي، ڏاڙهي نوچي،
سرمد ڇا ٿو سوچي؟

❑

Gul Hayat Institute

تون ديوانو آنهہ مصور!
هيءَ ڪائي تصوير تہ ناهي،
ڇئہ هيءَ ڇاهي؟
سو تہ ڏسان ٿو سچ لٿو آ،
رتَ ورنو آ، دل جهڙوآهي،
پر هي ڪنهن جو لاش پيو آ؟“

ڇا، هيءَ جهانسيءَ جي راڻي آ؟
ڇتر تہ ناهي ٻُرڏاڻي آ!
رت آ، پر لئہ جو پاڻي آ؟

هي ٽيپوءَ جو ڪنڌ پيو آ،
ٽيپو ساڳيءَ جاءِ مئو آ!
۽ هي ڇا هي؟ ۽ هي ڇو آ؟

هي تہ مسدس حالي آهي،
ڳاڙهي رت ۾ آلي آهي،
۽ هيءَ ٻجهہ نرالي آهي.

ڇا، ڪا ٻجهہَ بہ پڙهندي آهي؟
هيڏي ڇهنب تہ ڪنهن جي ناهي!
ٽيپوءَ تي پنهنجا پر ساهي،
تي راڻيءَ جا نيڻ ڇپاڙي!
۽ ڇڻ لهندي سج کي تاڙي،
تي نظرن سان ڇيري ڦاڙي!

تون ديوانو آنهہ مُصور!
هيءَ ڪائي تصوير تہ ناهي،
ڇئہ هي ڇا هي؟
❑



Gul Hayat Institute

سر هيٺ، ڏڙ مٿي،
شِڙُناچُ ٿو ڪري،
ٻل ٻانهن ۾ نہ پر،
ٻهہ ٻهہ ڪيو ٻري،
ڇا هٿ ٿو هٽي!
ڇا پير ٿو ڏري!
اندو ڏسي ٺري.

❊

نَٽ راج هيل ٿو،
ڪو مسخرو لڳي،
تانڊؤ تہ نانو ۾،
آ ڪل وڏي ڪڳي:
هئن ڍهل جنگ جو،
تو ڪو ٻڌو اڳي؟
ٻوڙا پيو ٺڳي.

❑

Gul Hayat Institute

هيڏانهن گرڻ، هوڏانهن گرڻ،
ڪولاش پيو آ واريءَ تي،
۽ اُن جي لوهي ٽوپ اڳيان،
بندوق پئي آ ڌرتيءَ تي،
۽ جنگي تمغو ٽوجرڪي،
ڪو اُن جي خاڪي ورديءَ تي،
۽ اُن جو ماس ڳري ويو آ،
پر بوٽ پيو آ پيرن ۾،
ٿي شام هڏائين پڃري ڪي،
ويا ڪانو چڏي واهيرن ۾،
ٿو گهوري هن ڪي حيرت مان،
ڪو پيلو گل ڪانڊيرن ۾!

❑

Gul Hayat Institute

قاسي گهاٽ،
اوچي ڳاٽ،
باغيءَ کي آنڌائون،
هو آڪاش،
ءِ هي لاش،
ڪئن نہ لهن ٿا لائون!
ٿوري دير،
پرسان پير،
ڌوڙ ڌئي ڇاٽيائون،
هو پچندو
نوريٽڙو.
تنهن کي ڦوڙ هنيائون،
ءِ پو هيئن چيائون،
ڏاڍي بک لڳي آ،
پير تہ ڀر تي ڪائون!
پير تہ ڀر تي ڪائون!
❑

Gul Hayat Institute

## جيل ۾ بلئڪ آئوٽ

جڏهن ڪوليءَ تي چنڊ ڪڙي ٿو،
ڪوئي جهونو ڦٽ مڙي ٿو:
جو به هٽي ٿو پيڙيءَ سوٽو
تنهن تي چوڪيدار چڙي ٿو:
ڪنهن جو من ڪجهه وينو لوچي،
ٽيٽيءَ اڻ ٽيٽيءَ تي سوچي،
بمباريءَ جي پو ڪان بجلي،
آهي روز وسائي ويندي،
پر هو چوڏينهنءَ چنڊ ڪڙبو آ،
(رات ته ناهي، ڏينهن ڏنو آ)
اُن کي چو نه وسائي ٿو ڪو؟
اُن کي ڪير وسائي سگهندو!

❑

Gul Hayat Institute

## ساڳيءَ ڪوليءَ ۾ هڪ تيدي ڪي

هي قابيل
هو هابيل!
ساڳيءَ ڪک جا ٻئي رهواسي
هڪڙو ٻئي جي رت جو پياسي!
تو ڪي مصحف پڙهڻو آهي،
دور ستارن جي ڏاڪڻ تي،
جنت تائين چڙهڻو آهي:
مون لئہ دوزخ ڪولي ڪولي،
مون ڪي ڏاڍي ننڊ اچي ٿي.
ٻاهر وڃ ڏٽيءَ ڪي مڃ
پڙهين جو پڙهہ
قلوبان ڪڙهہ
وسايان چڏ تہ اهو قنديل!
ها ها ها ها!
هي قابيل!
هو هابيل!

❑

Gul Hayat Institute

پهريون پهريون
لفظ خدا جو ڪن فيڪُون!
شاعر، موسيقار، مصور
سڀ ۾ ساڳيو جوش جنون.
ڪُن فيڪُون!
ذات خزانو آهي،
پل تہ وراهي
موتي هيرا،
نيلم نيرا!
پل تہ ڪري سينگار صدين جا!
روڪ نہ تن کي
ٽوڪ نہ تن کي
هي جي سرجڻهار صدين جا.
تن کي تون پنهنجي ساڃهہ جي،
جاٽي واٽي،
اهڙي ٻُڪ نہ ڏي اي ڌرتي!
ايڏا ڏک نہ ڏي اي ڌرتي!
❑

Gul Hayat Institute

ڇا ڇا نہ سمندر سرجي!
ٿا بيت اڇوتا سپجن،
جنهن وقت گهٽا ٿي گرجي.
ڇا ڇا نہ سمندر سرجي!
ڇا ويرون ويرون وايون!
هي جيءَ جڏهن ٿو پرجي،
ڇا ڇا نہ سمندر سرجي!
پوءِ اُڏما الڙ الڙ،
پو ڇا ڇر ۾ ڇا ترجي!
ڇا ڇا نہ سمندر سرجي!

❑

Gul Hayat Institute

هو ڪري ٿو ڏينهن رات،
فاعلاتن فاعلات،
۽ اُڏامي ٿي حيات،
عمر کي ڪهي ثبات!
ناھ هن کي تانگھ تات،
ديس جي چا ۾ نجات،
ديس جو واڳوءُ وات.

*

جا اسان وٽ آھ ڏات،
لونءُ جي ڪانڌار لات،
موت سان ٿيندي نہ مات،
ٿو گهڙي تنهن لاءِ گهات،
ڇو تہ ڪانئر، ڪائنات،
فاعلاتن فاعلات،
فاعلاتن فاعلات.

❑

سچل، سامي، پٽ ڌڻي،
جنهن ۾ پيي ڪا قرب ڪڻي،
آءُ اُنهيءَ جي پير پٽي:
ڇو تہ اُهو هيءَ ڌرتي آ،
ڇو تہ ڇپر مان ڇات ڇٽي،
هونءَ تہ مون ۾ آءُ گهٽي،
هونءَ تہ مون ۾ آءُ گهٽي.

❑

Gul Hayat Institute

ديسي سيڻ ڪجن، پرديسي ڪهڙا آ پرين!
(هڪ پهاڪو)

❊

آ ڪيڏي پيڙ پهاڪي ۾،
هن جهوني ڦٽ جي ٽاڪي ۾!

اي ڌرتي، ڇا ڇا دانهن ٻُڌي،
مون تنهنجي واڪي واڪي ۾!

۽ تنهنجي گهايل مرڪ ڏٺي،
مون پنهنجي لونءِ لاڪي ۾!

۽ تنهنجي پيتل لڙڪ ڪيو،
ڪو ناتو چٽنگ چڪاڪي ۾!

جڻ مون پنهنجي تصوير ڏٺي،
اڄ پيت ڏٽيءَ جي خاڪي ۾!

❑

Gul Hayat Institute

ڪالهہ سنجاب ۾ سجي ويڙهيل،
ڪار مان ڪائي نازنين لٿي،
ڪچ ۾ جڻ سمور جو ڪتڙو.
بج تي هٿ، ڏچ ۾ نرمي،
روپ شو ڪيس ۾ رکڻ جهڙو،
رنگ ۾ هڪ بهار بوند پنل،
پير جهڙا پدم، اکيون پونرا،
وائکي وک، لهر جئن چنچل.
ٿهلندي هڪ دڪان تي آئي،
وائڙا منهن نهار سان جهاڙي.
ميز تان ڪيڪ جئن ڪنيائين ٿي،
تہ ڏنائين تہ ڪو پيو تاڙي.
هيٺ فُٽ-پاٿ تي ٻُڪئي نينگر،
ٿي ڪيا بيک لاءِ سانباها،
اک جنهن جي چپي چپي آلي،
وار جنهن جا پقو پقو اٽيا.
رحم دل ۾ پري لهي آئي،
ءِ چيائينس آنڪي ڏيئي.
”هان، متان چرس جي وٺين گولي!“
پوءِ ڪلندي مٿي چڙهي ويئي.

❑

Gul Hayat Institute

ڪالهه ڏٺا پوتار،
مڇن جا وار،
ته پڻ ٿي آچا ها.

سوچي ڪوئي سڱ،
ازل جو اڱ،
ڪئي هن ها ها ها.

پنڊرنهن سؤ نيٺ،
لهي هو هيٺ،
وڏا هي پيسا ها!

هوءَ هاريءَ جي ڌيءَ،
الا، هي سيءَ!
پيا ڪلهه پارا ها.

جي تو ناٽي ڪڍ،
ته سڀ جا سڌ،
چئي ويا ڏاها ها.

❑

Gul Hayat Institute

# مزدور جي ٻار جو گيت

طرو وڏو ابا جو،
چرو وڏو ابا جو،
رئو وڏو امان جو،
تئو وڏو امان جو،
پيٽ وڏو سيٺ جو،
پيٽ وڏو سيٺ جو.

هٿ چگا ابا جا،
نٽ چگي امان جي،
ڳيچ چگا امان جا،
چيچ چگي ابا جي،
پيٽ برو سيٺ جو،
پيٽ برو سيٺ جو.

نيٺ اهو سيٺ جو،
پيٽ وڏو ڦاٽندو.
چرو وڏو ابا جو،
مرو وڏو ابا جو.
پيٽ وڏو سيٺ جو،
پيٽ وڏو سيٺ جو.

❑

Gul Hayat Institute

## ٽري پار جو گيت

آ گدري جي ڦار، امان!
اڄ پورو ناهي چنڊ، اسان کي بک بہ ڏاڍي آ!
ڏاڙهونءَ ڪڻ چوڏار، امان!
هي تارا تارا منڊ، اسان کي بک بہ ڏاڍي آ!
ڏُٿ نہ ڏونرن ڏار، امان!
تون پينهين خالي جنڊ، اسان کي بک بہ ڏاڍي آ!
هي چنڊ امان! هي منڊ امان!
پر سڀ کان ڳورو جنڊ، امان!
هي تنهنجو ڪورو جنڊ، امان!

❑

Gul Hayat Institute

تون تہ چوين ٿو،
تنهنجو پٽ تنهنجي ڌيءَ!
آءُ چوان ٿو،
ڪهڙو پٽ، ڪهڙي ڌيءَ؟
هيءَ جا سنڌ سياڳي آهي،
(تو تہ چيو تہ نياڳي آهي)
اُن جي هر ابهم جي اوسر،
آهي منهنجي غم جي اؤسر،
هي جو سارو ديس ڏکيو آ،
انگ اُگهاڙو، پيٽ بکيو آ،
اُن جا پٽ، اُنهيءَ جون ڌيئر،
اُن جون مائر، اُن جا پيئر،
سڀ سان منهنجو ناتو، بابا!
تنهنجو منهنجو سڀ دولابا.
جو بہ جيڀءَ جو ڄايو آهي،
پنهنجو آهہ، پرايو ناهي.
تون تہ چوين ٿو،
تنهنجو پٽ، تنهنجي ڌيءَ!
آءُ چوان ٿو،
ڪهڙو پٽ؟ ڪهڙي ڌيءَ؟

❑

Gul Hayat Institute

## ”ڪيوبا جي انقلابيءَ چي گئويرا جي موت تي“

جنهن آزاد گذاريو آهي،
تنهن لئہ موت تہ ڪا شيءِ ناهي.
وڪ وڪ تي پنجوڙ ڏسي، چا،
شينهن ڪڏهن گجگوڙ ڇڏي آ؟
ڪنهن بہ عقابي چنبيءَ، ٻوَ ۾،
آ ڪيري جي اوٽ وتي آ؟
ڏر جو ڏيڍ گدڙ لئہ آهي،
جهرڪي جَهرَپ ڏسي ڏرندي آ.
جنهن آزاد گذاريو آهي،
تنهن لئہ موت تہ ڪا شيءِ ناهي.
ساريءَ عمر لاميءَ جي ڪان،
آزادي پل جي بہ چڱي آ.
ءِ تو پنهنجي پوري جندڙي،
جنهن پل ۾ ڀرپور ڀري آ،
سو پل سگهہ صدين جي آهي،
اُن جي سڀ ڪان عمر وڏي آ،
جنهن آزاد گذاريو آهي،
تنهن لئہ موت تہ ڪا شيءِ ناهي.

❑

Gul Hayat Institute

## ”ويٽ ڪانگ جو سائگان تي حملو“

ڪؤڪرا ڪن پيا،
سامراجي ڪُتا،
شير جمهور جا گرجندا ٿا وڏن:

اي وطن! ھيءَ خبر،
سچ جهڙي، مگر،
ھت تہ ڪارا ڪڪر پرجندا ٿا وجن:

واءُ ۾ وڍ آ،
پوبہ ھي ڏيڍ آ،
ڏاڍ جي اڏ ڏاري وڌي آھہ ڪن:

ڪوڙ ڪيڏو ڪڏيو!
سچ ناھي لڏيو،
سچ جي ناوَ تاري وڌي آھہ ڪن.

سامراجي گدڙ،
ھونءَ ڪيڏا بہ پڙ،
شير جمهور جا اڄ ڏسي ٿا ڏرن:

بي وطن بي ڪفن،
لاش تن جا متن،
ائتمي ڏند ٿا جانسن جا ڏڪن.

سوڀ ھر سچ جي،
آس جي آرسي،
ھانءَ ھارين متان اي وطن! اي وطن!

ڪوڪرا ڪن پيا،
سامراجي ڪتا،
شير جمهور جا گرجندا ٿا وڏن.

□

Gul Hayat Institute

ڪنهن ب۾ آزادگي،
ناهہ روئي وتي.
تون ٿئين تل تي،
رات تارن پري.
جهاڳ جهڙ جي تہ ڏس!
ڏات ڇا ٽمڪندي!
آگ جي راڳ جي
تيءَ ڪائي جيي!
مشعلون مشعلون
تي وجي شاعري:
سمنڊ جي شور ۾
وير وانگر وڌي،
تون پهاڙن مٿان
ڪڙڪندڙ گرج تي!
گيت جي جيت آ،
جيت جمهور جي.

❑

(دانانگ تي ويٽ ڪانگ جي حملي جون خبرون پڙهندي، هوچي منهہ جو هڪ نظم ياد آيو. اُن ياد جيڪو مون تي تاثر پيدا ڪيو، اُهو هن نظم ۾ چٽيو ويو آهي.)

Gul Hayat Institute

دور ڪنهن ديس ۾،
سُرخ پرچم ڪڻي،
شير دانانگ ڏي،
ڪاله آيا وڏي:
سامراجي ڪُتا،
چيرجي، ڦاڙجي،
ڍير ٿيندا ويا،
ٿي ڏنوي ڏر تتي،
۽ ٻجهون ٿيون لمن،
ڍونڍ تي ڍائجي.

❑

گيت ڦولاربا،
امن ايندو وري،
شهر ٻهه ٻهه ڪندا،
ڇهڪندي زندگي،
ٻار جي ٽهڪ ۾،
امن جي آرسي،
ماءُ جي مهڪ ۾،
امن جي تازگي،
امن ايندو وي!
امن ايندو وري!

❑

Gul Hayat Institute

خواب هر ڪو ڏسي،
تن حقيقت ڏني،
موت سان داوَ ۾،
جن رکي زندگي،
نيٺ جيتي ويا،
هار تن جي نہ ٿي.

❑

اي وطن! مون ڪئي،
دل جلي شاعري،
چنگ جي چڻنگ ڪا،
ڪجھ تہ آهي دکي،
خواب جرڪي پيا،
ڪا حقيقت ٻري.
آگ جي راڳ جي،
تون بہ ٿي ڪا جهي!
تون بہ ٿي ڪا جهي!
تون بہ ٿي ڪا جهي!

❑

Gul Hayat Institute

ڪالهہ اهي ڪؤنپل نہ هُيا،
ڏس، ڏس، تاريءَ تاريءَ تي،
هي جڀي راتو رات ڦٽا!

ڪالهہ اهي ڪؤنپل نہ هيا،
ڪالهہ هيا ڦلواريءَ تي،
وڻ وڻ چڻ چڻ ۾ چوڏا!

ڏس هي ماڪ رُنو آهي!
ڏس هي مرڪن ٿا ڪرڻا!
ڏس هو پوءِ پُنو آهي!

شال، سياڻي جهول ڀري،
جي بہ لُڙيءَ ۾ لوچي ويا،
تن کي ڪوئي ياد ڪري!

❑

Gul Hayat Institute

چٽـدڙ پـن، وڇـوڙيـل يـار،
ڳالهہ تہ هڪڙي ناهي!

جوهيءَ ولڙيون، سرها وار،
ڳالهہ تہ هڪڙي ناهي!

چوڏينهنءَ چنڊ، پرينءَ جا پار،
ڳالهہ تہ هڪڙي ناهي!

گيت تني ٿو سپ جي تار،
ڳالهہ تہ هڪڙي آهي:

سـڏ پـڙاڏو تـوڙي ڏار،
ڳالهہ تہ هڪڙي آهي:

چٽنـدڙ پـن، وڇوڙيل يار،
ڳالهہ تہ هڪڙي آهي.

❑

Gul Hayat Institute

اڃا ڪيستائين رهون دور دور؟
سرء کان رهي دور تو جئن بسنت،
نه ڪامه، نه ڪونپل، نه پارا نه ٻور،
اڃا ڪيستائين رهون دور دور؟

جئين دور آڪاس آهي آننت،
ائين دور رهندين ته ملندين نه مور،
اڃا ڪيستائين رهون دور دور؟

گهٽو ئي گهرن تي گهٽائون گجيون،
هلي آءُ هاڻي ته نڪري ٻه نور،
اڃا ڪيستائين رهون دور دور؟

ڪٽي پاند پنهنجي گلابي گهڙيون،
سدا دل چوي ٿي ته ايندين ضرور،
اڃا ڪيستائين رهون دور دور؟

❑

Gul Hayat Institute

ديوار ڍهي تہ مِلان توسان،
ڪو واجھہ نہ آ، ڪا وٿ نہ آ،
مون جيڪو تنهنجو روپ ڏٺو،
هت ريک تنهن جي ڪٿ نہ آ!

ديوار ڍهي تہ مِلان توسان،
ٿو سڏ اچي هر پيت ٽپي،
تون آيو آنهہ پڙاڏي جان،
مون آهي تنهن جي جهانءِ جهپي.

ديوار ڍهي تہ مِلان توسان،
هي ڏورا تو لئہ ٿا ڏورن،
۽ منهنجا هٿ هٿوڙن جئن،
ٿا پٿر پٿر کي پورن.

ديوار ڍهي تہ مِلان توسان،
هر پور پگهر ۾ آلو آ،
آ ٿامي جهڙو سچ تنتو،
پر مون وٽ جيءَ جهڙالو آ...
ديوار ڍهي تہ مِلان توسان!

❑

Gul Hayat Institute

مـون تـہ لڳـائـي سـپـنـي ول،
ڦول ڪڏهن ڦٽندا، ڇا ڄاڻان!

مان توکي هي گيت ڏيان ٿو،
هان، تون منهنجي مرهم مَل،
گهاو ڪڏهن ڇٽندا، ڇا ڄاڻان!

مـان هـي آؤنـا ٽـانـو پـچـان ٿـو،
تـون پـي وهـہ ڪـان پـاڻ تـہ پـَل،
ڪيپ ڪڏهن ٽٽندا، ڇا ڄاڻان!

Gul Hayat Institute

ويٺو آهيان، ڪجھ ترسان ٿو،
هان هيءَ منهنجي گهوڙي جَهل،
ڏينهن ڪڏهن ڪٽندا، ڇا ڄاڻان!

❑

ڪنول ڪنول تي تنهنجا ڳل،
تيندي ماڪ مهل.

جهرٽا جهرٽا گيت هوا ۾،
جهونجهڪڙي ڪي ڪمڙي جهل،
ايندي ماڪ مهل.

رات سرءُ جي ڇا روڪيندي!
باک ڦٽيءَ ڪي ڪوُنپل پل،
ڏيندي ماڪ مهل.

آءُ تہ سارو سپنو آهيان،
مون ڪي ساڀيا ڏي سانول،
نيندي ماڪ مهل،
ايندي ماڪ مهل،
ايندي ماڪ مهل.

❑

Gul Hayat Institute

تون ايندي آن،
تون ايندي آن،
۽ سنجهان-سؤني مندر ۾،
تون ديپ جلائي ويندي آن.

تون ايندي آن،
تون ايندي آن،
۽ لاهي ڪٽ ڪٽوري تان،
تون سرهو مٽ پريندي آن.

تون ايندي آن،
تون ايندي آن،
۽ ڪينر لاهي ڪيري تان،
تون تاڻي تند چڪيندي آن.

تون ايندي آن،
تون ايندي آن،
۽ منهنجي اتي اُڄ ڏسي،
تون سپ سواتي ڏيندي آن.

تون ايندي آن،
تون ايندي آن،
تو پيرو ڪونہ پڳو آهي،
تاڻو نہ ڪڏهن تاريندي آن،
تون ايندي آن!
تون ايندي آن!
❑

Gul Hayat Institute

جتي برج بادل ڪڍي ڳاءِ تون،
اتي آءُ هوندس، نہ گهٻراءِ تون،
چيئہ هي بہ ويندي،
تہ هو برج آهي،
اتي روز ملبو، نہ ترساءِ تون!
وڃان ٿي تہ ڇا، جيءُ ۾ جاءِ تون!
مگر مون چيو هو،
لهوءَ جي نديءَ جو،
ڪٿي پار ڪونهي، نہ پرپاءِ تون،
وڃي ڪونہ ورندينءَ ڪڏهن هاءِ تون.
تڏهن تو چيو هو،
نہ ٿيندو وڇوڙو،
جتي برج بادل ڪڍي، ڳاءِ تون،
اُتي آءُ هوندس، نہ گهٻراءِ تون.

Gul Hayat Institute

# پڙهندڙ نَسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪَ ”لُڙهندڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪندڙُ، ڀاڙي، ڪانئُر، ٻاجوڪڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنى e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۾ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاريِ تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

Gul Hayat Institute

پڑهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہِ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڑهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڑهندڙ، بَرندڙ ۽ پڑهندڙ، سُست ۽ پڑهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڑهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾پَنَ ڪا خُصوصي ۽ ٽالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَبِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَ پاران ڪتابن ڪي ڊِجِيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجِيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

Gul Hayat Institute

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَس پٽاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکَڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سِيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جِئن جِئن جاڙ وڌي ٿي جڳَ ۾، هو بوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا:

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن:

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ بنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ-

اِن حسابَ سان اٽڃاٽائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاٽي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.



Gul Hayat Institute

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۾ سماجي حالتن تان نظر ڪڃي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻچاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بڻائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي ڇو، ڇالاءِ ۽ ڪيئن جهڙن سوالن کي هر بيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشش ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)



Gul Hayat Institute



شيخ اياز نه رڳو جديد سنڌي شاعريءَ جي بانين مان آهي پر هن شاعريءَ ۾ فني تجربا به ڪيا آهن، هن گهاڙيٽن ۽ هيئت ۾ جيڪا نواڻ آندي، ان هن کي جديد شاعري جو مٿانهون شاعر ڪري بيهاريو آهي، هن جي ڇاپ نه رڳو ويهين صدي جي شاعري تي آهي، پر ان جا اثر ۽ اولڙا ايڪهين صدي جي شاعري به قبوليا آهن، اها سندس شاعري جي دائميت ۽ آفاقيت آهي.

اياز جي هن مجموعي ۾ شامل ڪيتن! نظمن ۾ نه رڳو ٻولي جي نواڻ آهي پر جذبن جي سچائي ۽ بي ساختگيءَ سان گڏ هيئت ۽ فارم جانچ نوان تجربا به شامل آهن، جن سندس شاعري جي ترنم ۽ لئي کي چار چنڊ لڳائي ڇڏيا آهن. ايازجي شاعري جڏهن روح رهاڻ پبليڪيسن شايع ڪئي ته سندس گيتن، غزلن ۽ نظمن سنڌ جي فضا ۾ انقلاب ۽ آجپي جي تحريڪ سگهه ڏياري ڇڏي هئي، روح رهاڻ جي جشن ۾ جڏهن شيخ اياز پنهنجي شاعري پڙهندو هو، تڏهن محسوس ٿيندو هو ته پهاڙن تان آبشار ڪري رهيا آهن.

سندس شاعري ۾ خيالن جي جدت ۽ تازگي ڪيس سنڌ جي نندي ڪنڊ جو وڏو شاعر ڪري ڇڏيو هو ۽ اهو ئي اياز جي شاعري جو ڪمال آهي. شيخ اياز جي شروعاتي دور جي انهن ڳٽڪن کي پيهر جديد انداز سان شايع ڪرڻ تي اسان جي دوست غلام مصطفي سولنگي جون ڪوششون ۽ ڪاوشون ڪنهن به طرح وساري نٿيون سگهجن.

**پارس حميد**